ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهه

# ”ڇپر ڪين ڏئي، سوڪڙيون ستن کي“
# (شاهه جو ڪاهوڙي : اڻ ٿڪ جدوجهد جو نشان)


***Abstract***

**“Fate gives nothing to the sleeping ones”**

**Khahori of Shah Latif – The symbol of untiring struggle**

*According to the topic and subject matter, Shah Latif has described Sur Khahori, the life of such wondering men who plod through plains, deserts, and mountains to earn their simple food “Duth”.*

*Keeping his tradition of poetic depiction, Shah Latif has mentioned the characters, places and other things. He has made use of metaphors to explain spiritual meanings. The success of Shah’s poetry lies in the fact that both the worldly and the spiritual meaning are clearly and beautifully understandable. Surely, the Sur “Khahori” is apparently an allegorical one, Outwordly their is the description of wondering accumulators of Duth (the simple food/fruit/Grain) and their difficulties, trails and tribulations, but actually it is the narration of their struggle, the lovers who are out in search of their beloved “Allah” almighty. They pass through hardships and tests and at last achieve their goal.*

*The Sur “Khahori” of Shah Latif is full of implied meaning and moral lessons. The special message of this chapter is for a human being to show ignorance and lethargy and to make untiring efforts and to continue struggle to achieve his goal of life. This will win God’s will to help him and open channels for his success. This message of Shah Latif is applicable to all places, nations, times and the purpose of human life and living. This is why Shah Latif has said, “God does not lend gifts to the sleeping ones.” As the Khahories (Seekers) seek and find their “Duth” from rocks and mountains, Shah Latif says that hills do not give sustenance to the sleeping persons. These gifts are meant for those who try hard to find and seak.*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## جديد سنڌي لغت مطابق:

”ڪاهوڙي.ج، ڪاهوڙي.ذ، ڦيٽائي، منترباز، جهاڙائي، منڊ رکندڙ (نانگ جي چڪ تي) ڏٿ تي گذران ڪندڙ، جبلن تي ڏٿ ڳوليندڙ، محنتي، اورچ وغيره.(1)

محترم ڪلياڻ آڏواڻي به ڪاهوڙي لفظ جي معنيٰ ”جبلن ۾ ڏُٿ ڏوريندڙ“ لکي

ٿو.(2) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو، ”ڪاهوڙي لفظ جي معنيٰ آهي ڪاهي يا کهي وارو ڪاهو يا کهو، ڏکهي ڳن سان رنبي مثل سوڙهي ڦر واري جڻ هڪ ڪوڏر آهي جنهن سان ڪنڊن ڪانڊيرن وارو ڏکيو جهنگ وڍجي.“(3)

مضمون جي لحاظ کان هن سُر ۾ ڪاهوڙي يا سيلاني فقيرن جو بيان آهي، جيڪي پنهنجي قوت گذر لاءِ ڏاڍي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان برپٽ بيابان ۽ جهنگ جبل جهاڳيندا، پنهنجي لاءِ ”ڏٽ“ هٿ ڪندا آهن، ڇو ته هنن جو گذران ان ڏٽ تي ئي هوندو آهي.

ڏٽ ۽ ڏوٿين جي باري ۾ سمجهائيندي ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي لکي ٿو ته ”ٽري ماڻهو پنهنجا گهر تڙ ڇڏي، پر انهن پٽن ڏانهن ويندا آهن. ڏٽ ڏورڻ لاءِ قسمين قسمين ڏٽ تي گذران ڪندڙ کي ”ڏوٿي“ چئبو آهي. ”ڏٽ“ ۾ نه رڳو جهنگلي اَنُ، پر جهنگلي ميوا ۽ ڀاڄيون به اچي وڃن ٿيون.“(4)

پر شاهه سائينءَ پنهنجي شاعراڻي بيان جي انداز واري روايت کي قائم رکندي، هن سُر ۾ بيان ٿيل ڪردارن، ماڳن مڪانن ۽ مختلف شين کي استعاري طور استعمال ڪيو آهي. شاهه سائين جي شاعريءَ جي اها ڪرامت چئجي يا بيان جي ڪاميابيءَ جي انتها جو هن جي بيان مان ٻئي مطلب يعني ظاهري توڙي باطني يا روحاني مطلب سهڻي ۽ واضح نموني ظاهر ٿين ٿا. ستن سورمين وارا سُر ڏسبا ته اصل قصي بابت به ڄاڻ ملندي ۽ ان ۾ لڪل روحاني راز به صاف معلوم ٿين ٿا. سُر يمن ڪلياڻ جا ”واڍوڙ“ هجن، ”طبيب“ هجن، ”پتنگ“ هجن يا سُر ڪنيات جو ”ڪرهو“ هجي، سريراڳ جو سامونڊي سفر ۽ ان سان واسطيدار ڳالهيون هجن، ڪاپائتي يا ان جي ڪتڻ واري ڪرت، پرياتيءَ جو پاڻ هجي يا ڪارايل جو ٻگهه، مطلب ته ڪو به سُر ان رمز کان خالي ناهي، ظاهري معنيٰ به عروج تي پهتل آهي ته ڳجهو يا روحاني مطلب به پنهنجي انتها تي رسيل آهي. هيءُ سُر ”ڪاهوڙي“ به يقيني طور اهڙو ئي هڪ سُر آهي، جنهن ۾ ظاهري طرح ڏٽ ڳڏ ڪندڙ فقيرن جي مشڪل، سخت ۽ محنت ڪشيءَ واري سفر جو بيان آهي، پر اصل ۾ بيان آهي انهن ڪاهوڙين جو انهن اڻموٽ ۽ جفاڪش عاشقن جو جيڪي پنهنجي محبوب، پنهنجي مقصود، رب واحد ۽ لاشريڪ جي قُرب ۽ راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ، قسمين قسمين آزمائش مان گذرن ٿا ۽ لڳاتار محنت ۽ جدوجهد ڪان پوءِ آخرڪار پنهنجو مقصد حاصل ڪن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سُر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪاهوڙيءَ جو روحاني پس منظر بيان ڪندي لکي ٿو:

”انسان ۽ خالق جي رشتي ۾ اعليٰ مرتبي حاصل ڪرڻ جي لحاظ ڪان هن جهان ۾ ڪاهوڙي اُهي حق جا طالب آهن، جيڪي ظاهري اسبابن ۽ انعامن ڪان بي نياز ٿي، زهد ۽ عبادت ۾ وڏي فڪر ۽ فهم سان پنهنجو اندر اجارين ٿا. الاهي ياد ۾ پنهنجي وجود ڪي وڃڙين ۽ حق حقيقت واري منزل تا ماڻين.“(5)

ڊاڪٽر تنوير عباسي چوي ٿو: ”سُر ڪاهوڙيءَ ۾ انهن جو ذڪر آهي، جيڪي زندگيءَ جي فلسفي ڪي حقيقي صورت ڏيڻ لاءِ عملي جدوجهد ڪن ٿا.“(6)

سُر ”ڪاهوڙي“ مواد جي لحاظ ڪان شاهه سائينءَ جي ننڍين سُرن ۾ شمار ٿئي ٿو، هي سُر ٽن داستانن تي مشتمل آهي. (غلام محمد شاهواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين جي ترتيب ڏنل رسالن ۾) جن ۾ لڳ ڀڳ 58 بيت ۽ 4 وايون آهن.

شاهه سائينءَ جا سوانح نگار ان ڳالهه ڪي متفق طور بيان ڪن ٿا ته شاهه لطيف پنهنجي سير ۽ سياحت دوران سامين (جوڳين) جي ساٿ ۾ گنجي ٽڪر ڪان هنگلاج تائين طويل سفر ڪيو هو.(7) ان سفر ۾ پاڻ انهن جو نهايت ويجهڙائيءَ ڪان تمام گهرو مشاهدو ڪيو هئائين، جنهن جو بيان پاڻ سُر رامڪليءَ ۾، سُر پورب جي ٻئي داستان ۾ (شاهواڻي واري رسالي مطابق) ۽ هن سُر ڪاهوڙيءَ ۾ ڪيو اٿس. هن سُر ۾ هو اهو بيان ڪري ٿو ته حق تعاليٰ جي سچن عاشقن لاءِ هيءُ دنيا ڪنهن به دلچسپي يا دل لڳائڻ جي لائق ناهي، تنهنڪري هو دنياوي مطلبن ۽ مرادن ڪي ڇڏي، محبوب حقيقي يا حق جي تلاش لاءِ پنهنجون زندگيون وقف ڪن ٿا ۽ ان مقصد لاءِ روحاني راهه اختيار ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ پاڻ ڪاهوڙين ڪي محبوب حقيقيءَ جي متلاشي يا حق جي طالب طور پيش ڪيو اٿن. ڪاهوڙي جي ذات ڏورڻ واري سفر ڪي حقيقي محبوب جي راضپي ۽ رضا حاصل ڪرڻ واري اڻانگي ۽ بيحد صبر آزما سفر لاءِ مستعار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سچو سالڪ، راهه ۾ آيل مڙني تڪليفن، رنڊڪن ۽ رڪاوٽن ڪي پار ڪري مسلسل جدوجهد ڪري، ڪشالا ڪيندي، آخر منزل مقصود تي پهچي ٿو ۽ پنهنجي مطلب ۽ مقصد جو ذات حاصل ڪري ٿو. سُر ڪاهوڙيءَ ۾ ان روحاني تمثيل جي شروعات اُتان ٿئي ٿي، جڏهن ڪاهوڙي پنهنجي ان سفر تي روانا ٿين ٿا:

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر ٻڌا سندرا،
ڏورينديءِ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهه لڌائون ڇپرين.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 750)

ماءُ! ڪاهوڙي هليا، ڏُڪائي دونهان،
ڇپر جا سونهان، ڏوتين ڏٺ ڇيتاريو.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 750)

هنن صبح سويل پنهنجي سفر جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي، اهڙو سفر جنهن ۾ تمام گهٽيون تڪليفون سهٽيون پونديون ۽ اهي ان ڳالهه کان چڱيءَ طرح واقف آهن، بس هنن جي نظر صرف منزل تي آهي، اُن ڪري وچ وارو سفر ڪين ڪا لڪائي نٿو ڏئي. شاهه سائين چوي ٿو ته، ”اهي ڪاهوڙي ٽولين جي شڪل ۾ ٻپ جبل طرف روانا ٿي ويا آهن ۽ آءُ انهن ڏٺ ڏوريندڙن جون واٽون پيو پڇايان.“

ويون ٻپ پئي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آءُ تن ڏوتين جو، پُڇان پير پهي،
رُجن رات رهي، ڏونگر جن ڏوريا.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 747)

هو سالڪ کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته، ”جي توکي به انهن اٺموٺ عاشقن جو ساٿ گهربل هو، جي تون به چاهين ٿو ته جيڪر انهن سان گڏ روحاني ولايت جا سير ڪرين، ته پوءِ ڇو نه سويل ئي ان لاءِ تياري ڪيئي، هو ته الله پاڪ جا عاشق نندون ڪن ئي ڪونه، هو ته ساجهر ئي پنهنجون سانداريون ساڻ ڪٽي روانا ٿي ويا آهن، اي بندا! هاڻ تون ان روحاني ولايت جو ڦل ڪٿان آڻيندين!“

تون هڏ ڪچاڙيا، سنجهي سعيو نه ڪرين،
سوارا سنڌ ڪٽي، ڪاهوڙي ويا،
آڻيندين ڪِئا، ڏٺ ڏورائي ڏيهه جو.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 747)

شاهه منزل مقصود طرف روانگيءَ لاءِ ڪاهوڙين جي جوش، همت ۽ بيچينيءَ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو بيان ڪندي چوي ٿو:

ڪٽن نہ ڪھڪان، پنڌ پرانھين ھليا،
ڏوٿيئڙا ڪنھن ڏٿ ڪي، جنبيا ڏي جابان،
ڪاھوڙين اھڃاڻ، انگ نہ سڄي اگڙي.
(غلام محمد شھواڻي، ص: 751)

وري چوي ٿو:

مون ڪاھوڙي لکيا، ويھي نہ ويرم ڪن،
ڏينھن تتي ۾ ڏونگرين، ڪارڻ قوت ڪھن،
جھنگل ۾ جھٽڪن، جھہ ڏوٿي ڏٿ گڏيا.
(غلام محمد شھواڻي، ص: 750)

هو جنھن مھل ڏورانھين ڏيھہ ڏي ڏٿ حاصل ڪرڻ لاءِ سنبرن ٿا تہ، نہ تہ ڪين ڪنھن وھٽ جي ضرورت پوي ٿي، نہ ئي ھنن ڪي ڪنھن لٽي ڪپڙي جي ڪا پرواھہ آھي، پھاڙ ھجي يا رڻ پٽ، ميدان ھجي يا جھنگل، بس ھو ھلندا ئي رھن ٿا. ڏينھن تتي بہ ھو ڏونگر ۾ پيا ولوڙون ڏين، مقصد جو ڏٿ حاصل ڪرڻ لاءِ ھو دنيا جي ڪنھن بہ ضرورت يا تڪليف جي پرواھہ نہ ٿا ڪن. شاھہ سائين چوي ٿو تہ، "ھنن الاھي عاشقن کي ڪٿي بہ سک آرام ناھي، ھو سمھڻ ۽ ننڊن ڪرڻ جو تہ سوچي بہ نٿا سگھن. اي سالڪ! آھي ڪاھوڙي تہ ڏٿ ڏوريندي، اُن جوءِ ڪي وڃي پھتا آھن، جيڪا ڪڏھن بڏيسين بہ ڪانہ، ھو فھم ۽ فڪر جي ان منزل تي وڃي رسيا آھن، جنھن جي ڪا انتھا ئي ناھي."

مون ڪاھوڙي لکيا، سُمھن ڪين پئي،
سَمر ڪيائون سُڄ ۾، ڏوري ڏٿ لھي،
ڏيا اُت وھي، جت نھايت ناھہ ڪا.
(غلام محمد شھواڻي، ص: 750)

ڏوٿي سا ڏورين، جا جُوءِ سُئي نہ ٻڌي،
پاسا متي پاھٽين، ڪاھوڙي ڪوڙين،
وڃا اُت ووڙين، جت نھايت ناھہ ڪا.
(غلام محمد شھواڻي، ص: 748)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي منزل ڏانهن روانگيءَ لاءِ، سفر تي سنبرڻ لاءِ ايتري ته اوسيئڙي ۽ بيتابيءَ جي حالت ۾ رهن ٿا، جو ڪڏهن به پنهنجن پيرن ۾ جتيون لاهي، سک سان سمهن نٿا ته متان ٻيهر جتي پائڻ واري گهڙي به سندن سفر ۾ اٽڪاءُ ڪري يا وقت ضايع ڪري:

ڪر ڪتا لاهي، سُک نه ستا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پند جو.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 751)

هنن ڪاهوڙين کي ته انهن پورهيتن جي حال کي ڏسي پئي ڪاوڙ وٺي، جيڪي پنهنجي پورهئي ۾ سُستي يا عدم دلچسپيءَ جو مظاهرو ڪن ٿا:

ڪاهوڙي ڪجن، پسيو پورهيت ويسرا،
ڏوٿيئڙا ڏور ويا، رجن منجهه رهن،
ڪامل آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 748)

هنن سچن عاشقن کي پرينءَ جي حضور ۾ حاضري حاصل ڪرڻ ۽ ان جي وصال ماڻڻ جي تانگهه ۾ ڪيل هن ڪشالي واري سفر ۾ پنهنجي جسماني حالت جي به ڪا سُڌ نٿي رهي:

پُڪليا پوٽن، ڏڙکي گڏيو ڏوڙ ۾،
ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، پَدر پئي نه ڪن،
ڪا مُل آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 848)

وري چوي ٿو:

سُڪا منهن سندن، پيرين پراٽا ڪيترا،
سا جُوءِ ڏوري آئيا، سوُنهان جت مُنجهن،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تنهان پرانهين پند جون.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 751)

هي ڪاهوڙي ظاهري طور ڏسبا ته ويچارا هميشه سفر جي حالت ۾ رهڻ ڪري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مٿيءَ ۾ پيوت ٿيو وڃن ٿا. ڪاڏي پيتي جو فڪر نہ اٿن، سندن ڪلهن ۾ پاٽيءَ واريون ڪليون بہ سُڪيون پيون آهن. پيرن ۾ هميشہ پراٽا، چڳل ۽ سُڪل جوتا پاتل اٿن، پر ايتري من مارڻ ۽ جهدن ڪرڻ ڪانپوءِ بہ هو ڪيڏي نہ اعليٰ مرتبي تي پهچي ويا آهن. هنن اهڙا تہ راز ۽ اهڙو تہ ڪشف وارو عام حاصل ڪيو آهي، جيڪو وڏا وڏا ڄاڻو ۽ عالم بہ نہ حاصل ڪري سگهيا آهن. هنن عشق الاهيءِ عرفان الاهيءَ جهڙو املهہ ۽ ناياب ڏٺ حاصل ڪري ورتو آهي، پر پنهنجا اهي روحاني تجربا ۽ حاصلاتون عام ماڻهوءَ سان بيان نٿا ڪن، ڇو تہ هو انهن جي ڄاڻ ئي نٿا رکن. شاهہ سائين چوي ٿو تہ، ”اها ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جي منزل گهر ويٺي ۽ ننڊون ڪندي ڪنهن کي بہ نہ ملي آهي، جهدن ۽ ڪشالن کان سواءِ اها دولت ڪنهن کي بہ نہ سري آهي.“

جي ڪو ڏٺ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو،
چپر ڪين ڏئي، سوڪڙيون سُتن ڪي!
(غلام محمد شهواڻي، ص: 749)

شاهہ صاحب چوي ٿو تہ، ”مونکي اهڙا عاشق، اهڙا ڪاهوڙي نہ ٿا سجهن جيڪي گهر ويٺا آرام ڪن، ڇو تہ ويٺي ويٺي ۽ هٿ پير هنئين کان سواءِ تہ پرين (مقصد) ڪنهن کي بہ نہ مليو آهي.“

مون ڪاهوڙي لکيا، گهرين نہ گهارين،
واحد لڳ ولهن ۾، رويو جر هارين،
گوندر گذارين، جہ ڏوتي ڏٺ گڏ ٿيا.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 749)

مون ڪاهوڙي لکيا، ويهي نہ ويرم ڪن،
ڏينهن تتي ۾ ڏونگرين، ڪارڻ قوت ڪهن،
جهنگل ۾ جهٽڪن، جه ڏوتي ڏٺ گڏ ٿيا.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 750)

چوي ٿو تہ، ”ولهہ هجي يا ڪاڙهو، هنن الله جي ٻانهن کي ڪنهن بہ موسم جي پرواهہ ناهي، جڏهن هنن کي پنهنجي جسم، پنهنجي تن بدن جي ئي پرواهہ ناهي تہ ڇا جو پارو ڇا جو ڪاڙهو، هنن جي تہ نشاني ئي هيءَ آهي تہ:

سڪا سند ڪچن ۾، ڪرڪٽا پيرين،
ٿمندي نيٽين، آن ڪي ڪاهوڙي گڏيا؟
(غلام محمد شهواڻي، ص: 751)

هو بس واحد ڪي پرچائڻ لاءِ، جهر جهنگ روئندا، نيڻ ٿمائيندا ٿا وتن، ڇو ته رب جي رضا ۽ قرب جو ڏٽ حاصل ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه آهي. ان جو ته شرط ئي اهو آهي ته پنهنجي جسماني ۽ نفساني خواهشن ڪي تيا ڳجي. پنهنجو سڀ ڪجھ پنهنجي سوچ، فڪر ۽ ذڪر سڀ ان محبوب ڪي ارپڻو پوندو تڏهن ئي اهو پنهنجو ڪندو. صرف ان جي محبت پنهنجي دل ۾ سمائڻي پوي ٿي، ڇو ته جيئن هڪ مياڻ ۾ ٻه تلوارون نٿيون رکي سگهجن، تيئن هڪ دل، دنيا ۽ الله پاڪ جي محبت جي مسڪن نٿي ٿي سگهي.

هن سُر جي ٻئي داستان ۾ لاڳاتارنون بيتن ۾ (شاهواڻي جي رسالي مطابق) شاهه سائين گنجي ٽُر جو ذڪر ڪيو اهي. لاهوت وڃڻ وارين جوڳين جي پهرين منزل گنجو ٽڪر هو. شاهه سائين هت ان ڪي "روحاني راهه" طور مستعار ڪيو آهي، جنهن تان لنگهي حقيقي عاشق محبوب حقيقيءَ جو مشاهدو ماڻين ٿا. خود شاهه لطيف ٻه ڀيرا پيرو گنجي ٽڪر تي جوڳين جي سٿ سان گڏيو هو ۽ ساڻن گڏ هنگلاج تائين ويو هو.(8) ان روحاني مطلب لاءِ مستعار ڪندي شاهه سائين گنجي ٽڪر بابت چوي ٿو:

پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
ڇڏي ڪيٿ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 752)

شاهه سائين چوي ٿو ته جن ڪي گنجي جي اصل حقيقت ۽ حيثيت جي خبر پئي، تن پنهنجا دنياوي ڏندا ۽ خواهشون، مال ۽ اسباب ترڪ ڪري، هن رستي تي قدم رکيا ۽ ان منزل تي وڃي پهتا، جتي ڪين رب جي رضآ ۽ معرفت الاهي نصيب ٿي، هو عارف بِالله جي رتبي تي وڃي رسيا.

لطيف سائين، سلوڪ جي راهه تي قدم رکندڙ نئين پانڌيئڙي، نئين سالڪ ۽ طالب ڪي تنبيهه ٿو ڪري، خبردار ٿو ڪري ته ان حد، لاحد واري رستي تي اي سالڪ!

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سوچي سمجهي، سڀ حواس حاضر رکي پير رکجانءِ، چو ته ان ۾ ڏاڍا ڳجهه ۽ هيٺ مٿانهيون آهن. ڪو ڪاهوڙي (رب جي معرفت حاصل ڪيل) سونهون رکجانءِ، نه ته هي اهو رستو آهي، جنهن تان جيڪو به ٿورو ٿڙيو، سو ناڪام ۽ نامراد ٿيو. باقي ڪاهوڙي ته اهي حق سچ جا عاشق آهن، جيڪي بنا ڪٽڪي، بنا ڪنهن دنياوي ثمر ۽مدد جي اهي سڀ لڪ لانگها پار ڪيو وڃيو منزل مقصود تي پهچن ۽ جن هڪ دفعو اها منزل ماڻي ورتي، تن لاءِ ته اتان واپسي جهڙو ڪو بيو ملال ۽ عذاب ئي ناهي.چوي ٿو:

پـيـر پـروڙي پـاءِ، گـنـجـي ۾ گُـنَ گـهـٽـا،
ڪـاهــوڙي ڪــراويــا، نـــه ڪـــا اوڏو مـــاءِ،
جـنــيــن ڏٺــي جــاءِ، تـنـيـن مـوٽــڻ مـهـٽــو.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 754)

شاهه سائين چوي ٿو:

ڏيـهه ڏيـهـائـي نـاهـه، جـتـي پـيـر نـه پـڪـيـان،
تــتــي ڪــاهــوڙيــان، ور ڏئــي وڻ چــونــديــا.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 747)

چوي ٿو ته، "هي جتي ڪاهوڙي ور ور ڪيو پيا ڏٿ چونـدين (روحاني وصال ماڻين، حق جي دربار ۾ حاضري ڀرين) اهو ڏيهه ڪو هن دنيا جي ڏيهه جهڙو ناهي، هي ته جهان ئي ڪو ٻيو آهي، جتي ڪنهن پکي پکڻ هُو به ڪو نالو نشان ڪونهي ۽ اهڙي ڏيـهـه ۾ ڪاهوڙين جي رسائي اُوس ٿي وئي آهي، ۽ جو پـنـهـنـجـي مطلب ۽ مراد جي ڏٿ سان پنهنجا جهول پيا ڀرين، پنهنجي روح کي سيراب پيا ڪن. وري چوي ٿو:

جـت نـه پـکـيءَ پـيـر، تـت تـمـکـي بـاهـڙي،
ٻـيـو بـاريـنـدو ڪـيـر، ڪـاهـوڙکـي کـيـر ري.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 754)

چوي ٿو ته، "هيءَ جوءِ، جتي ڪنهن ذي روح، ڪـنـهـن پکي پکڻ جو بـه واسو ناهي، اتيجو هي ٽانڊا پيا ٽمڪن، تنهن مان لڳي ٿو ته، هتان ڪنهن انسان جو گذر ٿيـو آهي ۽ وري پاڻ ئي اڳتي ان معمي کي حل ڪندي جواب ڏئي ٿو ته ڪاهوڙين (الله جي عاشقن ٻانهن، جن جو وڏو ۽ اوچو روحاني پرواز هجي ٿو) جي سنگت ڪان سواءِ اهڙي

هنڌ ٻيو ڪير ٿو دونهين دکائي سگهي، ٻئي ڪنهن جي ايڏي اوچي رسائي ٿي نہ ٿي سگهي. اهي ڪاهوڙي ئي آهن، جن جي اندر عشق حقيقيءَ جي آڳ اُلا ڪيو پئي ٻري ۽ اهو عشق ڪين ڪتان جو ڪٿي وڃي ٿو رسائي.

شاهہ سائين بيان ڪري ٿو تہ، ”هي ڪاهوڙي دنيا وارن يا دنيادارن واري واٽ اختيار نٿا ڪن، ڇو تہ ان واٽ تان هلندي تہ صرف دنيا ئي ملي سگهندي، باقي محبوب حقيقيءَ سان ميلو ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. تنهنڪري، هو راهہ ئي ڪا الڳ اختيار ڪن ٿا، جيڪا عام ماڻهوءَ جي سمجهہ ۽ عقل کان بالاتر آهي. عام ماڻهو ڪڏهن ان کي، ”ڪُواٽَ“، ڪڏهن ”ڪُپيري“ تہ ڪڏهن ”ڪُرَند“ چون ٿا، ڇو تہ انهن کي ان جي حقيقت ۽ ڳجهہ جي خبر ناهي، پر جيڪي اهو ڳجهہ ڄاڻن ٿا تن کي انهن ئي راهن تان هلندي پنهنجي مقصد جا موتي مليا آهن.“

ڏسي ڏوري ڏونگرين، واٽ وڃائي جن،
ڪُرَندان ڪي پروڙيو، رند نہ سي رڙهن،
ٻئي دارَ دَيون ڪيو، پيرت تان نہ پڇن،
ڏوڙ پريان لاءِ ڏار ڪيو، ويچارا وڃهن،
خبر ڪاهوڙين، آهي لڪ لاهوت جي.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 755)

ويڄهو ونءُ مَ واٽ کي، کهج ڏونهن ڪُواٽ،
اُجهي منجهان آٽ، آديسي ٿي آءُ تون!
(غلام محمد شهواڻي، ص: 755)

ڪُپيريءَ ۾ پير، ڪَنين پاتو پيريين،
جٿان منجهڻ ماڙهوئين، سڄڻ تڻان ئي سير،
ان پونءِ سندو پير، ڪوڙيين منجهان ڪولهي.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 756)

چوي ٿو تہ، ”هنن همت وارن الاهي عاشقن پنهنجون ٻنهي جهانن جون راحتون صرف محبوب حقيقيءَ کي پاڻ سان راضي ڪرڻ ۽ ان قرب حاصل ڪرڻ خاطر ترڪ ڪري ڇڏيون آهن. پنهنجي ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ، محبوب تائين پهچڻ لاءِ،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هنن پنهنجا پيچرا ٺاهيا آهن. عام ماڻهوءَ لاءِ اهي رستا، اهي طور طريقا بيشڪ مونجهاري ۾ حيرت جو باعث هجن، پر ڪاهوڙين لاءِ اهي ئي راحت ۽ ڪاميابيءَ جو ڏس ٻنجن ٿا. اهي سڌي سنواٽي پيچري جو تہ پتو ئي نہ ٿا پُڇن. شاهہ سائين چوي ٿو تہ، ”ان ڏکيي پيچري تان لنگهندي بہ ڪڏهن انهن کي منزل ملي ٿي؟ ڪڏهن نہ، ڇو تہ هنن کي پريئنءَ جي آستاني جو ڪو پڪو ڏس مليل ناهي، بس ويچارا پرينءَ سان وصال نہ ٿيڻ واري محروميءَ تي افسوس ۾ پاڻ تي ڏوڙ پيا وسائين. پر ان هوندي بہ عشق ۽ محبت جي شدت ڪين بي همت نٿي ڪري، هو هميشہ اُن تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ مصروف عمل رهن ٿا.“ شاهہ سائين چوي ٿو:

ڏوري ڏوري ڏيهہ، ماءُ! ڪاهوڙي آئيا،
مَين پيرين ڪيهہ، ڪُهہ ڇاڻان ڪنهن پار جي.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 756)

چوي ٿو تہ، ”اي امڙ، اي جيجل! هي ڪاهوڙي الائي ڪيترا ڏيهہ ڏوري آيا آهن، هنن ايترن هنڌن تي پير گهمايا آهن، جو خبر ئي نہ ٿي پوي تہ الله پاڪ جي عشق ۾ سرگردان هنن مومن مردن جي سواريءَ جي وهٽن (اُٺن) تي لڳل مٽي ڪهڙي طرف جي آهي.“

شاهہ سائين ان رستي تي هلڻ لاءِ تيار طالبن کي حق جي ڳولائن کي خاص هدايت ٿو ڪري تہ، ”ان عشق جي ميدان ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول تہ توهان پنهنجي جسماني وجود جي خواهشن کي مليا ميٽ ڪريو، ڇو تہ انهن جي هوندي يا ظاهري حواسن جي مدد سان ڪڏهن بہ اُن منزل تي رسائي نہ ٿي سگهندي، اصل ۾ اهي ئي شيون آهن، جيڪي محبوب حقيقيءَ سان وصال ۾ اٽڪاءُ آهن.“ شاهہ سائين چوي ٿو:

پري تون تحقيق جي، مٿي ري ڪٽيج،
هڪل حقيقت جي، پوڙو تي پُڌيج،
اندو تي پسيج، مشاهدو محبوب جو.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 758)

مطلب تہ جيستائين توهان جي مٿي (دماغ) ۾ دنيا جا خيال ۽ سوچون گهر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪيو ويٺيون هونديون، تيستائين توهان حقيقت ابديءَ جي باري ۾ سوچي ئي نہ سگھندؤ، سو جيڪڏهن حقيقت ابديءَ جا راز معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا، طريقت جو رستو هلڻ چاهيو ٿا، تہ پنهنجي ان مٿي (غرور، تڪبر) کان آجا ٿيو، جڏهن حق توهان کي پاڻ ڏانهن سڏيندو، تہ اهي ڪَنَ جيڪي دنيا جي سُڌبُڌ ۾ وندريل آهن، سي ڪيئن اهو سڏ ورنائيندا، ان ڪري اهڙن ڪنن تان هٿ کڻي ٻوڙا ٿيو، ۽ جڏهن محبوب حقيقي توهانکي پنهنجي اسرارن جو مشاهدو ڪرائڻ چاهيندو تہ اهي اکيون جيڪي دنيا جي رونقن ۽ نظارن ۾ مست هونديون آهن، تن کي اهي اسرار ڪيئن نظر ايندا. ان ڪري اهڙين اکين تان هٿ کڻي انڌا ٿي وڃو. مطلب تہ پنهنجي مڙني عضون حواسن کي دنيا جي لذتن ماڻڻ کان محفوظ رکو، تڏهن وڃي حبيب جي پار جو پيچرو نظر ايندو.

لطيف سائين چوي ٿو:

جهنگ ڪامي پٺُ ٿيو، ڀڳي چوران لِڪَ،
سيڪُڙو ۽ سِڪَ ٻئي گڏيا پاڻ ۾.
(غلام محمد شهواڻي، ص: 756)

هتي شاهہ سائين جهنگ انساني خواهشن ۽ جسماني لذتن لاءِ ۽ چور نفسِ اماره ۽ شيطان لاءِ مستعار ڪيو آهي. چوي ٿو تہ، ”انسان جڏهن پنهنجو اصل شرف سڃاڻي ٿو ۽ عشق حقيقيءَ جي رنگ ۾ رنگجڻ لڳي ٿو، تہ هن کي پنهنجي اندر پيدا ٿيل طرحين طرحين خواهشن جي جهنگ کي باهہ ڏئي ساڙي نهوڙٹو پوي ٿو، ۽ جڏهن اهو نفساني خواهشن جو جهنگ سڙي ٻري وڃي ٿو، تہ انهن چورن جو آستان بہ ختم ٿي وڃي ٿو، جيڪي ان جهنگ ۾ پناهہ وٺي ڪيس ڀڙڪائيندا ۽ ڀهڪائيندا رهندا هئا، يعني نفس اماره ۽ شيطان. هاڻ جڏهن اندر سڄو صاف ۽ اجرو ٿي ويو، ان ۾ ڪا بہ مير، ڪا بہ مٽي ۽ ڪوبہ پردو نہ رهيو، تہ طالب ۽ مطلوب عاشق ۽ معشوق جي وچ وارا سنڌا، وڇوٽيون ۽ پردا هٽي ويا ۽ سِڪ ۽ سيڪڙو پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا.

سُر ڪاهوڙي شاهہ سائينءَ جو هڪ نهايت معنيٰ خيز ۽ سبق آموز سُر آهي. اسان جيڪڏهن ان جي روحاني رمزن کي هڪ پاسي رکي، صرف ڪاهوڙي جي ظاهري طور بيان ڪيل ڪردار جي بلنديءَ تي سوچيون تہ شاهہ سائين ان کي هڪ اهڙي پورهيت، هڪ اهڙي محنت ڪش انسان طور پيش ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي مقرر ڪيل مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙي پورهئي، هڪ اهڙيءَ جدوجهد ۾ مصروف

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تي وجي ٿو، پنهنجي جسم ۾ جان تي ان کي حاوي ڪري ڇڏي ٿو، جنهن ۾ هن کي بکون، اُجون، ننڊ کان محرومي، پنهنجي پيارن رشتن ناتن کان دوري ۾ موسمن جي شدت کان بچاءُ لاءِ لباس ۾ اجهي کان محرومي مطلب ته ڪيس هر عيش ۾ آسائش کان دوري برداشت ڪرڻي پوي ٿي، ۽ اها جدوجهد کانئس ڪير زوريءَ نٿو ڪرائي، بلڪ جڏهن هن پنهنجو هڪ مقصد متعين ڪيو ته اها جدوجهد هو پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڪري ٿو ۽ ظاهر آهي ته هن جي اها ايڏي وڏي قرباني ۾ ايڏو سخت پورهيو، اجر ڏيندڙ رب ڪريم وٽ قبول پوي ٿو ۽ هن جو مقصد پورو ٿئي ٿو.

سُرڪاهوڙيءَ ۾ شاهه سائينءَ اهو ئي پيغام ڏنو آهي ته انسان سستي ۾ غفلت ڇڏي، پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ اڻ ٿڪ محنت ۾ ڪوشش ڪندو ته يقيناً رب پاڪ هن لاءِ ڪاميابيءَ جون راهون کوليندو. شاهه سائينءَ جو هي پيغام هونئن ته هر دؤر، هر قوم ۾ زندگيءَ جي هر قدم سان لاڳو ٿئي ٿو، پر ان پيغام تي عمل جي شديد ضرورت جيڪا اڄ جي دور ۾ آهي، اهڙي شايد اڳ نه هجي: ڇو ته جيڪڏهن اسان پنهنجي قومي بقا، عزت ۾ نيڪ مقصدن ۾ ڪاميابي چاهيون ٿا ته سُرڪاهوڙيءَ ۾ لڪل هن پيغام تي ضرور عمل ڪرڻو پوندو، جيڪو بظاهر اسان سست ۾ آرام پسند قوم کي ڏاڍو ڏکيو لڳندو، پر ياد رهي ته ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه آهي.

## حوالا


1. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (تحقيق ۾ تصنيف) "جامع سنڌي لغات"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، 2007ع/1427هه، ص: 1508.
2. آڏواڻي ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو"، مڪتبه برهان، اسحاقيه پرنٽنگ پريس، ڪراچي، سنڌ، 1976ع، ص: 70.
3. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (محقق ۾ شارح) "شاهه جو رسالو - شاهه جو ڪلام"، جلد ڇهون، علامه آءِ آءِ قاضي رسالو رتا ۾ اشاعت، حيدرآباد، سنڌ، 1418هه/1977ع ص: 8.
4. آڏواڻي پيرومل مهرچند، "لطيفي سئر"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، حيدرآباد، 1989ع، ص: 112.
5. بلوچ، نبي بخش خان، "شاهه جو رسالو - شاهه جو ڪلام"، حوالو نمبر 3 ڏنل مقدمه، ص: 8.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

6. عباسي، تنوير، ”شاهه لطيف جي شاعري“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، 1989ع، ص: 45.

7. آڏواڻي ڪلياڻ، ”شاهه جو رسالو“، مڪتبه برهان، اسحاقيه پرنٽنگ پريس، ڪراچي، سنڌ، 1976ع، ص: 369 ۽ 373.

8. ساڳيو.

**نوٽ:** بيت محترم غلام محمد شاهواڻي جي رسالي تان ڪنيا ويا.

**حوالو:** شاهواڻي غلام محمد، ”شاهه جو رسالو“، آفتاب پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، 1950ع.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair